UNITED NATIONS INDUSTRIAL DEVELOPMENT ORGANIZATION
Progress by innovation

پائيدار PAIDAR

NRSP
National Rural Support Programme

Funded by the European Union

# اظهار دلچسپي لاءِ گذارش (ياڱو-4)

## ننڍڙي ۽ ننڍي سطح جي ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ ننڍي مالي مدد (Micro Grants)

## سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي خاتمي ۽ مجموعي ترقي جو پروگرام (PAIDAR) Poverty Alleviation and (Inclusive Development across Rural Sindh (PAIDAR)

پائيدار پروگرام سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي خاتمي ۽ مجموعي ترقي وارو پنجن سالن جو پروگرام آهي جنهن جي مالي سهائتا يورپي يونين پاران ڪئي ويئي آهي. ان پروگرام جو مقصد سنڌ حڪومت ڪي سنڌ جي پنج ضلعن ۾ "غربت گهٽائڻ جي حڪمت عملي" (Poverty Reduction Strategy) تي عملدرآمد ۾ مدد ڪرڻ آهي. پائيدار منصوبي جو ڏگهي مدت وارو مقصد سنڌ صوبي جي غريب عورتن، مردن ۽ نوجوانن لاءِ غربت جي پائيدار بنيادن تي خاتمي ۽ معيشت جي بهتري ۾ حصو وٺڻ آهي.

مٿين مقصدن ڪي حاصل ڪرڻ لاء پائيدار منصوبو فني/ٽيڪنيڪل مدد ۽ صلاحيتن ڪي بهتر ڪرڻ لاءِ تربيت ڏيڻ سان گڏوگڏ مناسب تعداد ۾ ماڻهن جي ڪاروبار ڪي هٿي وٺرائڻ ۽ نئين ڪاروبار قائم ڪرڻ لاء مالي مدد (گرانٽ) پڻ ڏيندو.

گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ جو ادارو (UNIDO https://www.unido.org/) سنڌ ۾ PAIDAR پروگرام ڪي هلائڻ جو انتظام مختلف ڪاروباري پائيوارن ذريعي ڪري رهيو آهي. نيشنل رورل سپورٽ پروگرام(NRSP www.nrsp.org.pk ) سجاول ضلعي ۾ پائيدار منصوبي جي مائڪرو گرانٽس ڪمپوننٽ (ننڍي / وچولي سطح جي ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ ننڍي مالي مدد) تي عملدرآمد ڪري رهيو آهي ته جيئن ننڍڙي ۽ ننڍي سطح جا ڪاروبار قائم ڪري سگهجن.

اين آر ايس پي سجاول ضلعي جي اهل/قابل ڪاروباري ماڻهن ڪي ننڍڙي ۽ ننڍي (مائڪرو گرانٽس) ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي ته جيئن اهي ماڻهون ننڍڙي ۽ ننڍي ڪاروبارڪي قائم ڪن يا هلندڙ ڪاروبار ڪي وڌائين يا ڪاروبار ۾ نت نوان تصور شامل ڪن، اهي مقامي سطح جا ڪاروبارآمدني پيدا ڪرڻ، نوڪري برقرار رکڻ ۽ نوڪريون پيدا ڪرڻ جي مضبوط صلاحيت رکندا هجن. اهي ڪاروبار انفرادي ڪاروباري ماڻهون جيڪي نيشنل ٽيڪس نمبر رکن ٿا يا قانوني طور تي رجسٽرڊ بزنس ڪوآپريشن/ پارٽنرشپ جيڪا سجاول ۾ ڪم ڪري پئي يا ڪري سگهن ٿا. اهليت جي معيار تي پورو لهندڙ ڪاروباري ماڻهن جي ڪاروبارڪرڻ لاءِ رهنمائي طور ممڪنه ڪاروبارن جي لسٽ (فهرست) هيٺ ڏجي ٿي. ان ڪان علاوه ڪنهن ٻي قابل عمل (ٽيڻ جوڳي) ڪاروبار لاءِ گرانٽ پڻ ڏيئي سگهجي ٿي.

| پائيدار گرانٽ لاءِ موزون ممڪن ڪاروبار يا واپار جا قسم | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | مڇي، ڪيڪڙا، جهينگا وغيره جي پوک، پالنا ۽ واپار | 13 | ويليو چين انڊسٽري :ٽماٽو ڪيچپ، مرچ ساس وغيره |
| 2 | آٽو انجنيئرنگ /آٽو ميڪينڪل /اليڪٽرڪ ،ورڪشاپ :گاڏين جا حصا ٺاهڻ، مرمت ورڪشاپ ٽائر پنڪچر ۽ ويل الائنمينٽ ورڪشاپ وغيره | 14 | آئل ايڪسپيلر /گهاڻو |
| 3 | تعميراتي شيون :سيمينٽ بلاڪ، ٽائلس، پيور، ماربل چپس، ٻيهر استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ مان شيون ٺاهڻ | 15 | دالين ۽ مسالن جي پيڪنگ |
| 4 | تعليمي ۽ تربيتي مرڪز :اسڪول، ٽريننگ سينٽر ڪمپيوٽر ۽ سائنس ليبارٽريون وغيره | 16 | پلاسٽڪ بوتلن ۽ ننڍين شين جي پيداوار )ڪارخانو( |
| 5 | فٽنيس ۽ سيلون :فٽنيس سينٽر، حجام جي دڪان بيوٽي پارلر وغيره | 17 | اي-ڪامرس |
| 6 | خوراڪ جي صنعت :پاپڙ، مئيونيز، آچار، جوس آئس ڪريم، کاڌي جو تيل، بيڪري، چاڪليٽ، ڪولڊ چين ڪاروبار وغيره | 18 | ڪپڙو، جوٽ، ٻيهر استعمال ٿيندڙ مواد مان ماحول دوست بيگز ٺاهڻ |
| 7 | توانائي ۽ ماحولياتي ڪاروبار :بايو فيول، بايو گيس بايو پاٺ/ڪمپوسٽ، سولر سسٽم ٺاهڻ ۽ وڪرو | 19 | بوٽ، سينڊل ۽ جتيون ٺاهڻ |

UNITED NATIONS INDUSTRIAL DEVELOPMENT ORGANIZATION
Progress by innovation

پائيدار PAIDAR

NRSP
National Rural Support Programme

Funded by the European Union

| | | | |
|---|---|---|---|
| 8 | فرنيچر ۽ دستڪاري: ڪاٺ جو فرنيچر (پلنگ الماريون، ڪرسيون)، ٽيلرنگ، هٿ جي هنر جون شيون | 20 | وڏي سمنڊ ۾ تجارتي مڇي مارڻ واري ٻيڙي هلائڻ مڪمل سامان سميت |
| 9 | صحت جون سهولتون: اسپتالون، ميڊيڪل سينٽر،ڪلينڪ وغيره (قابل تصديق ڊاڪٽرن پاران هلندڙ) | 21 | چپس فيڪٽري |
| 10 | هوٽل ۽ ريسٽورنٽ | 22 | ڪينڊي فيڪٽري(ننڍي سطح تي ٽافيون ۽ مٺائيون ٺاهڻ) |
| 11 | پينافليڪس ۽ بينر ڇپائي | 23 | ڊيڪوريشن، ڪيٽرنگ ۽ تقريبن جي انتظام جون خدمتون |
| 12 | لانڊري /ڌوٻي | 24 | ڪار ڌوئڻ جي سروس اسٽيشن |
| **۽ ٻيا انهن ڪاروبارن سان ملندڙ ڪيترائي ڪاروبار** | | | |

ان کان علاوه ڪجهه سرگرمين لاءِ (گرانٽس) مالي مدد نه ڏني ويندي جهڙوڪه: انفراسٽرڪچر يا تعميراتي ڪم، ذاتي خرچ پکي ۾ ٿي ويندڙ امداد، آمدني نه وڌائڻ وارا ڪاروبار، زراعت ۽ چوپائي مال جي پيداوار سان لاڳاپيل سرگرميون.
دلچسپي رکندڙ اميدوارن کي گذارش ڪجي ٿي ته اهيNRSP ضلعي آفيس سجاول مان درخواست ۽ درخواست جمع ڪرڻ جون هدايتون حاصل ڪري سگهن ٿا، ۽ سڀني لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ مڪمل طور تي ڀريل درخواستون هيٺ ڏنل ايڊريسن تي جمع ڪرائين.
درخواستNRSP جي ويب سائيٽwww.nrsp.org.pk تان به ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي.
درخواست جمع ڪرائڻ جا تفصيل درخواست فارم جي هدايتن ۾ ڏنل آهن، درخواست فارم گهربل لازمي سندي ڪاغذن(دستاويزن) سميت گرانٽ (مالي مدد) لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 28 فيبروري 2026 آهي. ان تاريخ کان پوءِ جمع ٿيندڙ درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو.
درخواست فارم ۾ ڏنل گهربل معيار۽ صلاحيت رکندڙ (ڪاروبار ڪندڙ عورتن) جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ٿي ته اهي (مائڪرو گرانٽس) مالي مدد لاءِ درخواست ڏين ۽ ننڍڙي ۽ ننڍي سطح تي ڪاروبار قائم ڪن.

**اين آر ايس پي ضلعي آفيس سجاول**
**ميمڻ ريزيڊنسي، ويجهو توفيق هوٽل، مين ناڪه چوڪ، سجاول شهر**
**Cell: +92-303-333-5473, +92-303-7774218**
**Email: nazar.joyo@nrsp.org.pk, Email: mansoor.manjhand@nrsp.org.pk**